گيتامٽي

[٢]

تو ٻن جنني! آءُ ڪيئن جيئان ؟
تنهنجو رحم ھاڻي شل روز پيئان!
روز نهاري نوري نمائي؛
دن گذر اب رات وهائي.

واسواڻي

گيتانجلي

[ٻيون ڇاپو]

ڀاڱو ٻيون

روز ڏسان اِڪ رحم جو تارو
روز نهاريان دوار تُهارو؛
توري نماڻي تون شاهن شاهه؛
دير نه ڪر تون! مون گهر آءُ!

٠-٤-٠

واسواڻي

ڊاڪٽر هوتچند چنديرام ماکيجاڻي

جي يادگيريءَ ۾

مونکي "سنت مالا" فنڊ ۾ ٥٠ رپيا مليا آهن.

ڊاڪٽر هوتچند جو ديهانت ١٩٣٤ ۾ ٿيو. سچو سنت سنگي هو. مرڻ وقت به ڪيس نام ياد رهيو. مرڻ ڇا آهي؟ نئين زندگيءَ جو دروازو. اسانجا پيارا پردي پٺيان پتر لوڪ ۾ نواس ڪن ٿا ۽ اسانجي پيار ۽ پرارٿنا جا پشپ ڪيئن پهچي سگهن ٿا. شل هن پياري کي پيار ۽ پرارٿنا جا پشپ پهچن! ۽ شل سچو سنگو هن پياري جي آتما کي پنهنجن ڪمل چرڻن ۾ سکي رکي!

واسواڻي

شلوڪ

ڏک درد ۾ تنهنجي ديا
سياڳا سياڳا صبر ۾ رهيا .

سپتپدي (١٠)

(١)

دل درد ۾ مهر ڪا پاٺي
درد کي مهما ڪوئي ٻ رلي جاڻي دل درد ۾...
دل درد ۾ گنگا جمنا
اُتر گئي سپ من کي طمنا
دل درد ڪول ديا کي دري
سپ ترشنا اڪ سڪ ۾ سري. دل درد ۾...
دل درد شيام کي ورشا
دل درد ديالو ديا ۽
دل درد ڪول ستاري
ستگر موري مهر نهاري. درد دل ۾...
دل درد ملي خزينا ،
دل درد ۾ باجي بينا ۽
دل درد ۾ در جي داسي
توري نماڻي پل پل پياسي. دل درد ۾...

(٣)

ڪن ۾ تنهجو بخت کليو ؛
دل درد جني کي آهي مليو
دل درد کي اکيان پاڙي
روز رکي نرمل نماڻي — بخت کليو...
پي پي راڌا اِڪ رنگه راتي
رووَت رووَت هر دن راتي ؛
پي پي مريا ڦرت ديواني
پي پي ست ڪرست کي ڀاڙي ؛
پي پي در شياما آئي — بخت کليو...
پي پي پاند ڳچيءَ ۾ پائي
پي پي راڌا تي پتنگي
شام شمع ۾ چڙهي اُمنگي — بخت کليو...
پي پي نوري نماڙي نشي ۾ چڙهي
پي پي الف اکر بِن ڪين پڙهي ۔ بخت کليو...

(٢)

درد کا ماڻي جن پيئا پيتا
اس جڳ سي ئي جيئا جيتا،
پي پي نهال ٿي ميران ٻائي
پرم پريم پدوي پائي   درد کا...
پي پي پنيت ٿي شبري
رام اڇط جي سني خوشخبري ؛
پي پي ڏرو ٿئي روشن تارا
پي پي شيام کا پرم پيارا ؛   درد کا...
پي پي چور ٿيا رشي گياني
پي پي پائي امرت ٻاني
پي پي والميڪ ڀڳت هتا
سنتن درتي پائي دءا ؛   درد کا...
نوري نماڻي پي گوپيان گوڪل واسي،
پي سدنو کاسائي ٿئي نامنواسي • درد کا...

(٥)

ٻي ٻي سيتا ٿي بن واسي
دل جي درد ۾ تيرٿ واسي
ٻي ٻي ياد رهيا اِڪ ناما
رگهه پتي راگهو راجا راما — تي بنواسي...
ٻي ٻي رهي راوڻ دُور
ٻي ٻي پتي دل چمڪي نُور
ٻي ٻي نرمل دام وچوري
ٻي ٻي نرمل نيڻهن نهوري — تي بنواسي...
دل درد ڪا پاڙي روز تون ٻيءُ
ڪلجگه وچ تون رحم ۾ جيئه
ٻي ٻي سيتا اگن مان آئي
ٻي ٻي چرنن رشي رج پائي — تي بنواسي...
ٻي ٻي نوري نماڻي پڪاري
سيتا سيتل سد پاهاري. — تي بنواسي...

(۴)

دل درد کا چتن پيئا پيالا
پي پي نمائي پيا متوالا
نديا گلين ۾ ۽ پريءَ کناري
ور ور شياما شياما پکاري — پيئا پيالا...
اوٺت بئنت سووت جاگت
دل کي درد ۾ پريتم پاوت
پي پي رووت هنر دن راتي
پي پي جاگت هنر برهہ باتي — پيئا پيالا...
پي پي گوبند هرگن گاوي
پي پي شام سندر کو پاوي
پي پي اک در آهہ سوالي
پي پي نرمل نام نهالي — پيئا پيالا...
جن پيئا پيئا سي وڏ ڀاڳي
ست کر نوڙي نماڻي سڀاڳي — پيئا پيالا...

(٧)

ٻي ٻي گوپي شيام کي پياڇي
در در ڀيٽي اِڪ ٻات پُڇي
ٻي ٻي ويڳاڻي گرام گهمي ٿي
ٻي ٻي رميا لاءِ رمي ٿي — شيام کي...
مٿلا ڪپڙا مئلا پيرا
دل ۾ سڪ ڪا اِڪ ئي نيرا
گليءِ گليءِ وِچ ڀيٽي پڪاري
ڪهان گيو موري موهن مراري — شيام کي...
ٻي ٻي وِياڪل مٿرا آئي
شيام سندر ڪا پٽرا پائي
ٻي ٻي ٻاسي شيام وهاري
نرمل نيڻن سين ٿو نهاري — شيام کي...
ٻي ٻي توري نماڻي ٻاسي
موهن در ٻر دم دم داسي — شيام کي...

(٦)

دل درد ڪا پاڻي گوتم پيتا
محل تجي درويش ٿيا
ٻي ٻي ٻي ٻن جهنگل ٻنتا
اِڪ دِن درشن گيان ڪا ڏيتا
ٻي ٻي ڇوڙا ڪانا گانا — درويش ٿيا...
ٻي ٻي پايا پد نروانا
ٻي ٻي هوڏي راهِ روانا
نرمل گيان ٿيا سُجانا — درويش ٿيا...
ٻي ٻي راڻا فقير ٿيا
دنيا دکہ دلگير ٿيا
ٻي ٻي گوتم ٿيا گلذار
ٻي ٻي ملڪن ڪا مهندار — درويش ٿيا...
ٻي ٻي پائي نوري نماڻي
درشنان دي خاڪ خزاني ۰ — درويش ٿيا...

(٢)

توُن داتا مئُن تہ ڀکاري
پريت تهاري پرم نياري
نيچ آڌم کي توُن ئي تهارين
پاپيءَ کي توُن پاڪي پيئارين مئُن تہ ڀيکاري...
اوِچا ڪپڙا ميري اوچي ذات
پر توُن تہ وهارين ڏو ڏن رات
توُن نرمل مئُن مئلا مئلا
سنگ وهارين سهج سهيلا مئُن تہ ڀيکاري...
پريم تهاري ڪا انت نہ جاني
اڪ ڪن پائي پد نرواني
گهٽڪا وِيچاري لوڪن هاسي
اڪ ڪن ڪاٽي جم ڪي ڦاسي مئُن تہ ڀيکاري...
ائسي ديا توُن موُن تي ڪر
توري ٺاڪي تہ آئي تو در مئُن تہ ڀيکاري...

شلوڪ

توبن جنني آن ۽ ڪيئن جيئان ؟
شل روز رحم تنهنجو پاڙي پيئان

سپتپدي (١١)

(١)

مان مڇلي تون ساگرا
موري جيون ڪا اڪ آسرا   توبن جنني...
مان مسافر تون پيري
وچ سيري اڪ اوٽ تون ميري
تون درياءَ مان اڪ بندو
مئن مينا تون سنڌو سنڌو   توبن جنني...
تون جمنا مئن ڊونيت تيري
تون موتي مئن وچ سيري
مئن پياسي تون ميگهه مياڪا
مئن داسي چاهون ڪنڪ ديا ڪاءِ توبن...
مئن مئلا تون نرمل پاڻي
مئن مورکه تون ميري پاڙي
روز نهاري نوري نماڻي
دن گذراب رات وهاڻي   توبن ...

(۴)

روز اچي تو اکين ۾ پاڻي
روز راڳا تو انهه سک ۾ ستاڻي
روز راتيان ڪٽتي ٿي گاري
روز دلڙي پياسي پڪاري اکين ۾ پاڻي ...
روز اندر آتش آئي ٿي
روز دل ۾ ياد رهي ٿي
روز رهيما آهه زاري زاري
روز اکين ۾ آهه انتظاري اکين ۾ پاڻي...
روز ڪڻان ٿي سک ستاري
روز گايان اک بات نياري
روز ڏسان اک رحم جو تارو
روز نهاريان دوار تهارو اکين ۾ پاڻي...
نوري نماڻي تون شاهن شاهه
ديرنه ڪر تون! مون گهر آءُ! اکين ۾ پاڻي...

(۳)

جهولي جهلي اٿم تو در حبيبان
سڄ تون پڪاري موري رام رحيما!
موتيون نه ڪو تنهنجي در تان خالي
پر مونکي آن ته بہ منگتو سوالي رام رحيما...
اکين ۾، هٿن ۾، تون ئي ديا ڏي
دل ۾ داتا ديالو ميا ڏي!
جسم ۾ ڏي پنهنجي جوت
اندر ۾ رحم پنهنجو اوت رام رحيما...
من کي نرمل ڪر تون سدا
نہ دل کي در کان رکہ تون جدا
جهولي جهلي آئم، پرپور ڪر
ڪمل مکڙو پنهنجو نہ دور ڪر رام رحيما...
نوري نماڻي پني ٿي دعا
ڏي درد جي ڪا دل کي دوا رام رحيما...

(٦)

تون چشما، مئن آسي آسي
گيان پاڻيءَ لئہ پياسي پياسي
تون ورڪشا، مئن ڇاهون ڇايا
دور رهي سڀ ڪوڙي مايا مئن پياسي!
تون مندر، مئن پوجاري
تون داتا، مئن در ڪي ڀکاري
تون گرو گرنٿا ڀڳوت گيتا
روز پڙهان تنهنجي رحم ڪي ريتا مئن پياسي!
تون مرلي موري جيوان بينا
روز سڻان مئن مسڪينا
تون جوتي مئن اِڪ باتي
تيري ديا ہ سکہ دن راتي مئن پياسي!
توني پريم نورا، مان نوري نماڻي
توں داتا آنءَ درتي وڪاڻي مئں پياسي!

(٥)

غم گوندر ۾ آھ گذراني
راتڙا رودن ۾ رھان روزاني
ڪمال مڪر وري ڇو تو ڇپائين؟
پنھنجن ڪان ڇو پاڻ لڪائين؟ غم گوندر ۾...
ڍونڍيت ڍونڍيت گنگا ڪاشي
ڪھان گيو موري موھن ابناسي؟
نہ جمنا تيري نہ سنڌو ڪناري
جو موري مالڪ پرم پياري غم گوندر ۾...
ناڪو جھنگل ناڪو پھاڙي
جو گم ٿي ويو ھي روحو رناري
ناھين متھرا نا ھردوارا
ڍونڍيت ناملِ گرڪا دوارا غم گوندر ۾...
نوري نماڻي وچ دل مندر
موھن مشڪي تنھنجي اندر غم گوندر ۾...

(٣)

آيو سائين آهيان تنهنجي در
هڪ آرزو قبول ڪر
پياس ۾ پنڌ آنءُ ڪري ڪري
آيو آهيان هڪ ڏيان ڏري — اٿم سُڪا چانور سڪ جا
تون شاهن شاهه سلطاني
درگهه تنهنجي عاليشاني
پنڌ پري کان آيو آهيان
آس پائي، ڏيان ڏري مان — اٿم سُڪا چانور سڪ جا
ڪميا ڪر در کول ديا ڪا
ديدار ديجي ميا ڪا
ٿڪل آهيان پياسي آهيان
دم دم دل ۾ اُداسي آهيان — اٿم سُڪا چانور سڪ جا
نوري نماڻي اُڪير ۾ آسي
ڀڳتي ڀيٽا قبول داسي — اٿم سُڪا چانور سڪ جا

(٢)

ڪوهه تي بيٺي آهيان پيارا
مون ڏي نهار ڌوان نيڻهن نيارا
نوري ناٿ آن ڪيئن ڇڪيان؟
نا رام پيالي، مان ڇا ۾ پريان؟ پاٽي پيار...
ميرا ڪپڙا، موري اوڇي ذات
پر تن ۾، من ۾، ٿر اڪ ڏات
آهيان آهيان ڏاڍي اُڃايل
غم ۾ ساڃٺا! ڏاڍي گهايل پاٽي پيار...
ماڻهو ڏين مونکي منهن تي ميارون
پر مهر اکيون تنهنجون اٿم پياريون
ڏس بيٺي آهيان هاڻ ساڃهه لهي ٿو
اکين تنهنجن ۾ رحم رهي ٿو پاٽي پيار...
نوري نماڻي نه اوهان کي ڇڏيندي
پل پل پياس ۾ پيئي سڏيندي پاٽي پيار...

(٥)

ڪين اڄ سائين، ڪين اڄ!
اکِ تنهنجو تنهنجو روشن رخ
ڇرخو ڇو ريم نيڻهن ۾
ڪاڇو ڪٽيم رات ڏينهن ۾ وٽ قرب جو ڪپڙو!
سُوٽو وٽيم سو سُک ۾
ڇرخو ڇو ريم ڇڪ ۾
جاڳي جاڳي وِيهي هلايم
دِب هڪڙو اِڪرو اُڪرايم وٽ قرب جو ڪپڙو!
سُيون هڻيم منجهه اُڪير
پيرت منهنجو تنهنجي تصوير
وِڌي اڄ ڳلن زنجير
ڏن ۾ وِهايم نيڻن نير وٽ قرب جو ڪپڙو!
ڏوري نماڻي هي سک جو ساج
مهر ڪري وٺ اهو آج وٽ قرب جو ڪپڙو!

(۴)

نيڻ کڻي آءٌ ويٺي نهاريان
پَل پَل پيئي پيٽي پڪاريان
ڌرتي بيٺي بيٺي آهيان
دل ۾ توکي سنڀاريان آءٌ ته پياسي
گليءَ منجهان گهر لنگهن ٿا
ناپاڪ نظر سين نهارن ٿا
ور ور سوال فضول پڇن ٿا،
چپ منهن جا ڪجهه ڪين ڪڇن ٿا آءٌ ته پياسي
نيڻن ۾ ڏاڍا نينهن نچن ٿا
پٿرا مونکي ته پاپي هڻن ٿا
ڪين وڏي ٿي مون آڄ ماني
ڪين پيتان ٿي ڪوئي پاڻي آءٌ ته پياسي
آءٌ سکهو تون، نوري نماڻي
ڏولڻ ڏولڻ ويٺي ويڳاڻي آءٌ ته پياسي

(٧)

ديرَ نہ ڪر تون، دروازو کول
عاجز آهيان ڀاڳين ٻول
قتيل آهيان منجهہ فراق
نظر تنهنجي ڪري مون پاڪ دروازو کول!
ٿڪجي ٿڪجي آئي آهيان
عاجز اکين سين بيٺي آهيان
چت چڪنا آهہ چيرن ۾
پترا اٿر ٿر پيرن ۾ دروازو کول!
ڀاڱر ڦاڙيون ڪرڪن ڪاهون
اندر دلڙي ڪري ٿي دانهون
جاڳي جاڳي جپيان نام
تو بن ڪونہ ڪو آهي وسرام دروازو کول!
آهہ ڏوتي دنيا نوري نماڻي
دم دم تنهنجي در تي وِڪاڻي دروازو کول!

(٦)

ٽڪرو ٽڪرو آئي آندي
دلڙي ويچاري ٽٽري ماندي
اُٿيو طوفان آهي ٽڪو
لهرن لڙ ته ڏاڍو لڳو — سائين! اچي تون
اُپ ۾ آيا ڪڪر سي ڪارا — بيري بچاءِ!
ڪن ۾ ڪڙڪن رڙن ڏا راڙا
ميخهن متان ته ڪئن مچي ٿو!
هيٺ درياه ته ڏاڍو سڄي ٿو — سائين! اچي تون
پاڻي اندر هاڻي اچي ٿو — بيري بچاءِ!
بيڙيءَ ڏاڍو شور مچي ٿو
سڙه سيئي، سي ته پراڻا
حال اسانجا اٿيئي نماڻا — سائين! اچي تون
نوري نماڻي ويٺي روئي — بيري بچاءِ!
روئندي روئندي قبول پوي! — سائين! اچي تون
بيري بچاءِ!

(٢)

نند نہ ڪر! اب جاڳي بسنت
ڪين اچان آيو تو وت ڪنت
مٽيا ڪپڙا سڀ اٿيئي ڏور
ڪنت بنان اٿيئي سڀ ڪوڙ نند نہ ڪر...
ڪهڙي ڪم جا ڪاڻا پيندا؟
ڪنت بنان ڏن رات ئي روندا
هنڌ وڃائي ڇو ٿي سمهين تون؟
ڪنت بنان تہ ڪجهہ نہ پائين تون نند نہ ڪر...
آهي اجايو هي محل ٿهارو
ڪين اچي تو ڪنت پيارو
ڪهڙي آرام ۾ آهين گُم؟
ڇو نہ رکين تون دل ۾ غم؟ نند نہ ڪر...
نوري نماڻي ٿي موڪر اياڻي
ڪنت ملي جي وتين ويڳاڻي نند نہ ڪر...

شلوڪ

راڻا رڪ نہ پري پنهنجي سنگ وهار!
ڏس نہ ڏنگايون، مهر نهار!

سپتپدي (١٣)

(١)

تون پارس، آنءُ تہ لوها آهيان
جي پاڻ لڳائين تہ سونا ٿيان راڻا! رڪ نہ پري!
تون پارس تہ بہ آنءُ آهيان پري
دنيان ڏوتيءِ جو ڏيان ڏري
تون پارس تنهنجي سونهن نهوري
ڪريان وِنيہ تي آنءُ ڪر جوڙي راڻا! رڪ نہ پري!
تون پارس پنهنجي سنگ وهار
لوهہ ڪارنهہ جو ڪر نہ ويچار
تون پارس پيو تو چمڪين
نرمل جوت ۾ پيو تو مشڪين راڻا! رڪ نہ پري!
پاسي وهار تون مون ۾ اوت
نرمل جوت منجل جي جوت
نوري نماڻي ڪر مهر ڪي مايا
تہ پارس سنگ مِل ڪنچن ڪايا راڻا! رڪ نہ پري!

(۴)

اُس گهر چمڪي چمڪي نور
نا ڪوئي هرشا، نا ڪوئي سوُر
عاشق ڪي گهر ڦولن باري
ڪيان گلن جي آهه گلذاري- اُس گهر چمڪي...
اُس گهر نا جمنا گنگا
اڪ جوت منجل ڪي نرمل رنگا
عاشق ڪي گهر مرلي مشڪي
موهن اس درو رو ر چمڪي- اُس گهر چمڪي...
عاشق ڪي گهر ناهين جدائي
جهوُلت جوتي جلوي خدائي
عاشق ڪا گهر دنيا خالي
محبت ۾ رهي متوالي- اُس گهر چمڪي...
اُڪير ۾ عاجز نوري نماڻي
آ اچي مل مهر لاڻاني- اُس گهر چمڪي...

(۳)

عاشق کا گهر آهي دُور
پهچي جو سب سمجهي ڏُور
ناهي نوکر ناهي امير
وچ بنگلا رهي فقير عاشق کا گهر...
ناهي روپا ناهي سونا
وِرتا وچ کانا پينا
نا دولت نا زر زمينا
شاهن شاه مليا اک بينا عاشق کا گهر...
نا بجلي نا کوئي جاتي
ديکت دلبر کو دن راتي
نا کوئي باجي باجي باجا
آت هي پهر دِجي سک ساجا عاشق کا گهر...
نوري نماڻي هت آهه ويراني
آب تو چلو گهر ککن کياني عاشق کا گهر...

(٦)

ڪنهن ڪوت لباسي بيراڳي
ڪوئي ورلي وِرلي ساچي ويراڳي
سَوَ هزارين سر سڪائين
پنهنجو پاڻ سي ڪين لڪائين- ڪوئي ورلي...
سَوَ هزارين قُرآن بنواسي
ڪين اچي تين آتم واسي
سَوَ هزارين ساڌ وِ سنياسي
ڪوئي ورلي گيان گوڪل کا واسي- ڪوئي...
سَوَ هزارين پيا تيرٿ ڪن
ڪين موهن پنهنجي من رکن
سَوَ هزارين جپ پوجا وِهن
نه پريتم پردي م پهن- ڪوئي ورلي...
سَوَ هزارين سي ست سنگي
نوري نماڻي نه تين اُمنگي- ڪوئي ورلي...

(٥)

درويش گھُرن دعا تو در
شاهن شاھ بہ منگن ڏا مھر
جن گھر جھولن ڏا ھاٿي
تو بن نا ڪوئي تن ساٿي - درويش گھُرن...
تخت طائوسي جن ماڙيان
ھاٿين خالي، سيٺي اُماڙيان
بنگلن ۾ جي محلن موجي
ڪيا ڪنڌ ڪال فوجي - درويش گھُرن...
ڪٿي سڪندر ڪٿي دارا ؟
روئي پڊائون ڪال نغارا
ڪاڏي قارون ڪڙورين خزينا ؟
ڪاڏي ڪانا ڪانا پينا ؟ - درويش گھُرن...
دنيا ساري بازيگر بازي
نوري نماڻي آھ آتش سازي - درويش گھُرن...

شلوڪ

سو هزارين ڪن ڌرم ڪا ڌنڌا
نرڪ نواسي سي مورک انڌا

سپٽپدي (١٤)

(١)

سوَ هزارين رهين پياڇي
پتت وڪاري نيچ ۾ نياچي - سو هزارين...
سوَ هزارين نہ نيتر پاڪ
پليت تناڌي در ڪي خاڪ
سوَ هزارين نيند گنواري
ڪال ڪهاري تن کي رئاري - سو هزارين...
سوَ هزارين گدي مهنتا
گوبند ڪوئي ورلي کو جنتا
سوَ هزارين پتي اهنڪاري
نہ تن کي جاني موهن مراري - سو هزارين...
سوَ هزارين ڇوُ ڇوُ ڌويا
پاپن مٿل ۾ ڪن ڪن کويا
نوري نماڻي، شران توں آءُ
سنت جنان ڪي در تون جاءُ - سو هزارين...

(٧)

سوَ هزارين مالها ڦيرن
موهن مهر جا نہ موتي ميرن
سوَ هزارين گهمن ٽڪاڻا
در شيطان ٽي آهن وڪاڻا - سو هزارين...
سوَ هزارين هري ڪيت ڳائين
ڪين ڪي پنهنجو رام ريجهائين
سوَ هزارين ويد ڪي وادي
ڪين پڌن سي ناد انادي - سو هزارين...
سوَ هزارين گوَيا گرنٿي
ڪين ويچارا پريم ڪا پنٿي
سوَ هزارين ويدانت سياڻي
نا اڪ اکر پريم پڇاڻي - سو هزارين...
سوَ هزارين بيکہ ڪي ڌاري
نوري نماڻي تجہ جوٽي ساري - سو هزارين...

(٣)

رام رتن جو محل آهي
اُن ۾ جوتي نرمل آهي
محل ڪُنجي ڪرڻ جي هاٿ
ره روز وچين تون ڏينهن ساٿ- رام رتن جو...
مغرورن کان ره روز پري
ڏينهن ڪي رکه جيءَ سان جري
مغرورن کي سائين ڪين پڇي
همتا ۾ هيٺترو تن جو لڇي- رام رتن جو...
ڏين ڏکي وٽ تن جي خاڪ
پيار تنهنجي ٿي تون پاڪ
چم تنهنجي، تون پيرا
تر صاحب پڪري هٿرا تيرا- رام رتن جو...
نوري نماڻي هٿ سو نيرا
ڏينهن درتي ٿاس دلبر ڏيرا- رام رتن جو...

(٢)

رهي ستي سا جا نا سياڻي
بنا باھ جلي سا روزاني
صبر سهي اکين نماڻي
راتيون ويهي ڪري روح رهاڻي- رهي ستي...
رهي روز جيئن بلبل رهي
ڪنت ڪي بات اڪ دل ۾ ڪهي
سڪ ۾ سچڻ ڪي ئي سنياري
هردم هردي هنجون هاري- رهي ستي...
پل پل پيئا لاءِ ٿي پڪاري
اگڻ اچڻ لئہ ٿي نهاري
ڪري روز عجيبن جي ٿي عبادت
قبول ڪري ٿي شيوا شهادت- رهي ستي...
ساچي ستي سا نوري نماڻي
ڪنت جي قدمن آهر وڪاڻي- رهي ستي...

(٥)

رام رتن جن پايا پايا
لوڪن ڪان تن پاڻ ڇپايا
امرت پوچن جن ڪايا ڪايا
وچ پردي پردي آيا آيا- رام رتن...
آلڪ رهيا جي روز اڻنگا
گڏو ڙهي گيان پئيا سي گونگا
گيان آڪر سو ناهين ڪولي
ٻنسري بات نا سو ٻولي- رام رتن...
گونگا گونگا، مگر ھ مشڪي
اکيان جوت الاهي چمڪي
ٻڪ رائيءَ ھ آهي حرڪت
بات ٻولڻ ھ ناهي برڪت- رام رتن...
نوري نماڻي جي چاهين مڪتي
ڪپت گيان ھ وهي ڪريگتي- رام رتن...

(۴)

ڇوڙ بُرائي رهه داسن داس
ممتا ماري رکهه پِتا کي پياس
ٻري ڪاجور نا مل ڇايا
ٻن غريبي ڏور منهن پايا - ڇوڙ برائي ...
پنڊت ٻري ٻري اهنڪاري
ڪن نه صبر ڌن تڪراري
ٻري سمندرا کاري پاڻي
ميٺا من ڪا نرمل پاڻي - ڇوڙ برائي ...
ساڌو ٻرتي ، ٻري سنياسي
مان مهنتا نرڪ نواسي
نٽرت شيوا هئه سکه دائي
سپ شيطاني مان برائي - ڇوڙ برائي ...
نوري نماڻي رهه نرماني
ڪنت کي قدمن تي قرباني - ڇوڙ برائي ...

(٧)

جڳ سارا پانچوَ کي وس ۾
ڪوني ڪرمڪ ورلي رام کي دس ۾
ڪام ويري کي لڙائي پاري
دنيا ساري اُسني ماري-   جڳ سارا...
ڍُهر ٻنان ٿو ڪام جلائي
چڱن سياڻن کي ٻہ ستائي
ميٺا منهن موهيا سڪل سنسار
شيطان پکيڙيو آهي پسار-   جڳ سارا...
ڪام لڙايون ڪام جون ٻاهيون
دوزخ ۾ اسين آهيون آهيون
جي ڪام غلام سي ترشنا واسي
ڪال پري نت نرڪ نواسي- جڳ سارا...
نوري نماڻي ڪيئن ڇٽي؟
سنتن درجي ڏور لٽي-   جڳ سارا...

(٦)

بيچ گگن بھ رهي ڌارا
گيان روپ رنگ نيارا
جوت منجل وچ باسي باسي
پرم پريم ديا پرڪاسي- بيچ گگن...
اندر اپنا جوئي لوچي
گيان گگن سوئي بھوچي
اپنا اندر سوئي جاء
همتا ممتا جس مر جاء - بيچ گگن...
آسني پيتا ڌارا پاڻي
پي ڪر سنيتي شبد کي باڻي
پي ڪر رام رس پايا
نام نديء م نهايا - بيچ گگن...
نوري نهاڻي سرت ستڪر چاڙهي
گيان گگن کي هوء ديداري- بيچ گگن...

(٢)

ڪروڙ ورو ڏ ٻڙا آهه ويري
جنهن سياڻن جي به آهه قسمت ڪيري
سؤ هزارين پنڊت مُلا
تن جي من مان اُٿن اُلا - سياڻن جي...
ڪروڙ جي آڳني اڪ دم ساري
ڪروڙ منجهان تو ڪال نهاري
ڪروڙي بيچي ڪال ڪي در
ڪروڙي ناس هووي سر پر - سياڻن جي...
ڪروڙي روز رهي جنجال
ڪروڙي قابو جم ڪي جال
ڪروڙ اٿيني دوزخ دئار
ڪروڙي ڪيئن انگهي پئي پار - سياڻن جي...
توري نماڻي آئي دئار تهاري
ڏور ده يا لڪ تي روز نهاري - سياڻن جي...

شلوڪ

پنڇ مهل جوت ۾ جيئا
پڪڙي پانچون جن وس ڪيئا

سپتپدي (١٥)

(١)

ڪام اٿيئي اصل ڪان ويري
ويرُ رشين کي ڪيائين ڏيري- ڪام اٿيئي...
جڳ ساڙو پتڪي منجھ ترشنا
ڪوئي وِرلي جيتي ٿن کي طمنا
ڪامي ويچارا وري اچن ٿا
جنم چڪر ۾ وري نچن ٿا- ڪام اٿيئي...
ڪال پري رهن انڌيري
ڪيئن اچن سي ستگر نيري؟
ڪامي ڀوت ڀيانڪ پتڪن
ڪال ڪرار ڪٺور ڪرڪن- ڪام اٿيئي...
ڪامي اُڃ ۾ آه آزاري
ڪامي رڃ ۾ ڪن ٿا زاري
نوري نماڻي تون ڪام ڇڏين
جي سنتن در جي ڌوڙ ڪڻين- ڪام اٿيئي...

(۴)

لوڀ ڪروڙين ڪاٽ آهن ڪوٺيا
لکه هزارين لوڀ آهن لوڙيا
لوڀ لالچ ۾ آهي انتظاري
لوڀ ڏئي ٿو دل جي بيماري - سڪندر شاهه
لوڀ لالچ ڪروڙين ڪٺيا هليا هٿين خالي
رام رتن ڪوئي ورلي لٽيا
ڪوڙا روپا ڪوڙا سونا
بري دغاباز ڏٺي دنيا - سڪندر شاهه...
لوڀ لالچ ڪيتا مليا
ڪال ڀري روح رُليا
ڪوئي نه مالڪ ڪوئي نه مالي
سڪندر شاهه هليا هٿين خالي - سڪندر شاهه...
نوري نماڻي تجه دنيا چالي
سنتن درتي بيهه سوالي - سڪندر شاهه...

(٣)

ڪروڌ اگنِ ڪرين جي ڌُور
وٺ سنت جنا ڪي قدمان ڏُور
ڪروڌ ڪلپنا تون ٻه مٽائين
جي پاند ڳچيءَ ۾ تن ڌرپائين- وٺ سنت جنا...
من مان مت جاءِ ملينتا
جي سنتن ڌر سکين ڏينتا
هت جاءِ ڪروڌ ڌڪرالي
جي سنتن ڌر رکين اکريان آلي- وٺ سنت جنا...
ڪروڌ ويريءَ کي تون ماڙين
سنت جنان جو ڏيان ڌارين
سارين ڪروڌ جي مت ساري کوتي
جي روز ڪرين تون آپ آهوتي- وٺ سنت جنا...
نوري نماڻي ڪير ڪروڌ کو ماري؟
منڪتي مانکون اڪ مهر تهاري- وٺ سنت جنا...

(٦١)

آهين پياري تون وچ سيرا
ڪٽي پاڌ سان تو تون ٿي سريرا
اڪ سرير آهي استول
مورکه ان کي سمجهين مول- وچ سيرا...
سوکم آهه استول ڪان پار
جنهي جو ڪارڻ آهه آڌار
هي سرير استولا فاني
پر ڇهتي اُن کي ڪرين گذراني- وچ سيرا...
سرند و استول سرير ڀاه ۾
پوءِ هلندي تون ڪهڙي راه ۾؟
مشڪل پوءِ آهه مسافري
ان لئه ڪرين ڪهڙي تياري؟ وچ سيرا...
روز نوري نماڻي ياد ڪر
نه مانگه جنم برباد ڪر- وچ سيرا...

(٥)

ذرا تون سوچ ڪر ڀائي
دنيا ساري اٿيئي سرائي
ڪٿ مات پتا؟ ڪھان ماما دادا؟
وِهي ٻڌاري ٿي پيئي سدا - چڏ موه مريوئي
آھ ضروري توکي وڃڻو
رھ ائين جو نہ پويئي رُئڻو
ڪم ڪارين ۾ اٿيئي هوشياري
پر ڪال ڪرين تو ڪين تياري- چڏ موه...
موت ملائڪ جو ملڪ آھ
نہ خدا جو خوف توکي آھ
حياتي ڏينهن گذارين ڪيئن ؟
ور ور تو وسارين ڪيئن ؟- چڏ موه...
نوري نماڻي رکہ انتظاري
دنيا ساري آھ اساري- چڏ موه...

شلوڪ

ستگر جي چمڪي ديدار
وِهن جي وڏن حليمي هار

سپتپدي (١٦)

(١)

شيشا اٽيئي هي مال خزينا
ڪنهن نا ڪم جا ڪانا پينا - ستگر جي...
شيشا چڏ وت هرڪا هيرا
ڏن مليا جن چت هيءَ چيرا
چڏ ڪانا سونا پڏ بينا بينا
سنتن در وچي وت توان رينا - ستگر جي...
نا سي پڏن جن ڪيا من پيارا
مولي ڏن لاءِ جن من کو مارا
سائينءَ کي اڪ ڏي توان پيتا
تجه اپماڻا ممتا همتا - ستگر جي...
پالڪ ٿيءَ تون اندر آءُ
نينهن سدا نير نيڻن وهاءِ
نوري نماڻي ستگر ديدار
آهي پال مندر ٿيءَ تون پار - ستگر جي...

(۷)

ملڪ انهيءَ ۾ ويندين ويندين
جت پاڻ سان ڪين ڪي ڪڍندين ڪڍندين
اُت ڪوٽ قلعا تنهنجا سيئي ڪوڙ
اُت مال خزانا تنهنجا ڏورِ - ملڪ انهيءَ ۾...
اُت نا ساٿي ڪو سُت ميتا
اُت نا ڪاڪا نا ڪوئي پيتا
اُت اڪيلي اونڌهه پاري
جي نام بتي تو ناهي ٻاري - ملڪ انهيءَ ۾...
اُت پيا پٽڪن روح ويچارا
جي ڪوڙي مايا ٽيا هتڪارا
اُت ترشنا اگن ۾ پيا ٿا جلن
جي هت ڪين حڪم ۾ هلن - ملڪ انهيءَ ۾...
ٿوري نماڻي تون نہ ائين مر
وٺ دوا اچي سنتن در - ملڪ انهيءَ ۾...

(۳)

گگن ھ دیپ کیان کا
دن رات ڈوپ ڈیان کا
سوراخ اِک گگن وِچ ھ
اُت سجرط چمکي کیان مچھ ھ۔ گگن ھ...
کمل مکرو صورت صہدکاني
توڈي نھاري نور نوراني
گگن بیچہ موري گوبندا
دیکہ دیکہ پاء پرم آنندا۔ گگن ھ...
گگن بیچہ جوتي ڈاما
جت راجي ایشا شاما راما
گگن بیچہ گوکل نیارا
چمکي موري موھن پیارا۔ گگن ھ...
نوري نماٹي اُت حسن ھپکار
کول اکیان دیکہ دیدار۔ گگن ھ...

(٢)

ڇو نہ ڏسين ٿو تون تد روپ
جو چمڪي چمڪي جوت انوپ؟
در در ڏاڍو ڀٽڪيو آهين
اڪ در ڇونہ تون پاند ٽوڙائين؟ چمڪي چمڪي...
موهہ رکين تون مايا چڪر
ڪين ڏسين ٿو موهن مندر
پار ويا جي منجل مايا
پد نروانا تنهين پاڻا - چمڪي چمڪي...
اُن پد پر اڇي پرم پيارو
چمڪي چمڪي نور نيارو
جوت موهن جي اُت ٿي جهمڪي
مشڪ مراري مست ڪري- چمڪي چمڪي
سونوري نماڻي تو دل مشڪي
سنتن ڏُور م سوئي چمڪي- چمڪي چمڪي

(۵)

جن ڏيکا تن رسنا راما
روز جهي اِک رڌم کا ناما
جيها آن ھ جوت تي جاگي
ان آندر اِک راما راگي - جن ڏيکا...
زبان اها تر سدا سپاگي
کن ھ کن ھ ٽي وتياگي
آستت ان کي کري ڏان رات
پريتم پائي پرڏي پربات - جن ڏيکا...
اوندھ وِچ گائي اوتاري
رات جهي جهي ترنکاري
گاوت گاوت اِک ستار
پل پل پپيها کي پکار - جن ڏيکا...
نوري نماڻي تن ڏر آ
سن سن کر توان جوت جگاء - جن ڏيکا...

(۴)

جن ڏيکيا تن پايا پايا
نا ڏيکيا جن جنم گنوايا
جن ڏيکيا تن اکيان آلي
چمڪي چمڪي جوت نرالي - جن ڏيکيا...
تن اکيان اسرار لاثاني
چاھون تن اکيان مهرباني
تن اکيان نيڻهن نظارا
تن اکيان پريم پڪارا - جن ڏيکيا...
تن اکيان نرمل جوتي
نان ڪب نيند ۾ سوتي
تن اکيان مهر وسي
تن اکيان پريتم ڀاڳ پسي - جن ڏيکيا...
نوري نماڻي تن در آئي
ڏيکت ڏيکت جوت جڳائي - جن ڏيکيا...

(٧)

جس وسنا ۾ آهي رام کي جوتي
کيا کري پستڪ کيا کري پوٿي ؟
اُن کي اکران جادو جاڳي
اُن کي ٻاڻي انهد ٻاجي- جس وسنا ۾...
اُن کي شانتي رتنا چمڪي
ان جي نئنن ۾ نام لو جهمڪي
ڏن رات کري سو روح رهاڻي
ان کي ڏت آهه نرمل ٻاڻي- جس وسنا ۾...
نا ڪوئي کندا نا ڪوئي منڊا
ان کي گيت ۾ ڳاوي گوبندا
ان کي مهما نه ٻڌيت جاڻي
ان کي ٻڌي نه لوڪ پڇاڻي- جس وسنا ...
توري تماڳي اس ڏر آءِ
ڄاڳي ڄاڳي جوت جڳاءِ. جس وسنا ...

(٦)

جن ديکا تن من نرمل هويا
نا ديکا يه مانکه جنم ئي کويا
من ساچا ساچ بيچار
سن موري ميتا تي نه گنوار۔ جن ديکا...
اس من ه مندر ساچا
پيا سپ مندر کوڙا کاچا
اس من ه مرلي ناچي
اس من موري راڌا راچي۔ جن ديکا...
اس من نام مليتا
اس من ديا ديتا
اس من چنچل نام
اس من سد منگل آم۔ جن ديکا...
نوري نماڻي اس نرمل درتون آئ
پير تنادي چرتون جوت جگاه۔ جن ديکا...

(٢)

اڪ اڪ آهي چلڻ هار
تي ترت پياري تون بہ تيار
اڪ اڪ جاءِ راهہ اڪيلي
نا ڪوئي سنگي نا ڪوئي ساٿي - اڪ اڪ ...
مات پتا نہ ڪوئي ست ميتا
ملڪ سارا هٿ موت نين جيتا
جپ جپ ست نام ڌيان
نہ تہ پڇاڙي ٿيندي پڇتاءُ - اڪ اڪ ...
شيوا ڪر جپ ست ناما
تہ جلد پائين جوتي ڌاما
گذرڪئي اب بي نا گهڙي
سمر سمر تيري ياترا تڪڙي - اڪ اڪ ...
توري نماڻي ڪر نيڻن پاڪ
سنتن قدمن ڪي ون خاڪ - اڪ اڪ ...

شلوڪ

جو ڻا جڳ سڀ هووت ڻاس
جپ ست ڻام اڪ اڪ ساس

سپتپدي (١٧)

(١)

جم جي خوراڪ جهان سمورا
سمر سمر اڪ صاحب حضورا- جوڻا جڳ...
جوڀن تنهنجي تيز جواني
تنهنجي فلڪ اٿيٺي سڀ ڦاني
تنهنجي ملڪيت تنهنجا خزانا
سڀيئي اٿيئي سي خاڪ روانا- جوڻا جڳ...
جلدي جلدي هٿہ جانا جانا
اب جاڳہ پياري رهہ تون سُجانا
موهہ مايا ڪي رهہ ڻا آسي
پل پل پي اڪ نام پياسي- جوڻا جڳ...
جپ جپ اڪ الکہ ابناسي
ڏر ڏيان تون نام نواسي
ٺوري نماڻي اڪ در داسي
ڪن ہ ڪاٽي جم ڪي ڦاسي- جوڻا جڳ...

(۴)

چمن ۾ پشپ چمڪن ٿا
وري سي شام جو وڄن ٿا
اچي ٿي جا سگندي بهاري
وڄط جي تُرت ڪري تياري- چمن ۾ پشپ...
باغن ۾ بلبليون ڪن مٺري بات
وڄن منجهه سانت اچي ٿي رات
پکيئڙا گيت ڳائين ٿا
پوءِ آکيرن ڏي اُڏامن ٿا- چمن ۾ پشپ...
چنڊ چمڪي نرمل نور
دن اچي ٿني سو دور
هي سونهن وارا سڀ پسارا
ٿا ڏاس تِين سگل اسارا- چمن ۾ پشپ...
توري نماڻي ڏٺو سڀ وسار
ڪٽي نيڻ اڻ ڏٺي ڪي نهار- چمن ۾ پشپ...

(۳)

ڪجھ نہ ڪوئي بہ قائم آھ
سنسار سار و آھي سراء
رات ڏن ڏو ڏئار
تون بہ ترت ٿي تيار- سنسار سار و آھي سراء
تخت محل ڪاڏي ويا
غيب ۾ سي غرق ٿيا
جمشيد ڪاڏي ڪئڪاباد؟
ايران جن ڪيو آباد؟- سنسار سارو ...
اڪبر ڪٿي ۽ اشوڪا
وڃايا جن وڏا ڏونڪا؟
ڪٿي ارجن پانڊو پيارا؟
ڪٿي منصور نينھن ۾ نيارا؟- سنسار سارو ...
نوري نماڻي سيوئي فاني
دنيا ميلا ڏوڏن ڪا مزماني- سنسار سارو ...

(٦)

آهين منجهه مٿيءِ مڪام
ڪر تون ياد صبح ۽ شام
رک دل ۾ راڌو شيام
ڪر اُن در سجدو سلام۔ آهين منجهه...
جوڏي جڳه جي هٺ نه هام
نيٺن ۾ رک تون اڪ نام
من ۾ جپ موهن گهنشام
دل سان چؤ ڪرپا ڪلعام۔ آهين منجهه...
سڀ ۾ ڏس اِڪ رميو رام
ڇو ڇڏين سين راڌي شيام
جوڏا سونا سڀ هي طعام
جوڏا سڀ سوير آرام۔ آهين منجهه...
ڏوري نماڻي جپ ست نام
جادي جڳ اِڪ جوتي ڌام۔ آهين منجهه...

(٥)

ڪال قافلا اچن ٿا
جم جا کهنڊ وڃن ٿا

روز وهي ٿي هيءَ بزاري
تہ بہ ڪين ڪرين تون تياري- ڪال قافلا...

روز ڏسين پر ڪين نهارين
روز ٻڌين پر ڪين پڪارين
روز سٽين پر ڪين سکين
روز پڙهين پر ڪين لکين- ڪال قافلا...

روز ٻڌين پر ڪين مڃين
روز پٽين پر ڪين پهين
روز چئين پر ڪين ڏيائين
من دل پنهنجي ڪين پڙاهين- ڪال قافلا...

نوري نماڻي تون روز وسارين
اڪ سبق نہ دل ۾ وهارين- ڪال قافلا...

شلوڪ

نيڻهن سدا تون نيڻ ڪٺي
ڳاءِ گوبند جي گيتا مٺي

سپتپدي (١٨)

(١)

پرم پتا! تون جوت نواسي
تنهنجي نرمل نام رهان روز پياسي- پرم پتا...
تنهنجو روشن راڄ اچي
تنهنجو مهر ڪرم ڪم هلي
هت سرشٽي سڪل پياري
جيئن آت سرڳ ڌام پياري- پرم پتا...
روزي رحم جي ڏي تون اسانکي
معاف مدايون ڪر مهر اسانکي
شل نه ويچاريون تن جون مدايون
جي ڪين اسان سان ڪن ڏا چڱايون- پرم پتا...
رکه نه اسانکي گرفتار گناهن ۾
پر پاڻ اچي رکه پاڇه پاپن ۾
نوري نماڻي راڄ تنهنجو تياڄ تنهنجو هميشه رهي!
تنهنجي پرم شڪتي پرم جوتي جڳه جڳه ۾ هميشه جڳي!

(۷)

ملي جي موت روح رليا
مشڪي سي محبوب مليا
تن لاء موت ٿيو ملاڪ
سيئي دربار جا لائق - مشڪي سي محبوب...
مليا سي سنتان ڪي ٽولي
ڏٺن ٿا اِڪ ڀاڄه جي ٻولي
وچ موت سي پيا مشڪن
موت پياڪي سي چمن چمڪن - مشڪي سي...
ڏٺن سي موت ۾ مرليون
ملن موهن جون تن لعلريون
وچ پردي پريتم سي پسن
سانت صبر ۾ سي سهن - مشڪي سي...
نوري نماڻي جن آهه ياد،
موت تنادي دل ڪر شاد - مشڪي سي...

(۳)

هل وٺي پنهنجي راه ۾
اونده آهي هن واه ۾
سمنڊ پيو ڦاڙ و سُڄي
شوخ لهرن ڪير پڇي ؟- اونده آهي...
نہ اُپ ۾ چنڊ ٿو مشڪي
نہ تارو اڪُ بہ ٿو چمڪي
جيون جهاز ڪاٺي وچي
جي مهر تنهنجي نا ملي ؟- اونده آهي...
وچ سير ٽڪريون جي لڳن
ٽڪرا ٽڪرا اڪ لحظي ٿين
آه رحم روشني! دکپال تون!
دکہ روز مون کي ٿال تون!- اونده آهي...
نوري نماڻيءَ کي نهار
هل وٺي تون پار پار- اونده آهي...

(٢)

پرم پتا تون پريم نواسي
تنهنجو نام نيارو آهي ڇڏ ڪاشي
پرم پتا تون آلک ابناسي
گهٽ گهٽ تنهنجو نامئي واسي - پرم پتا...
تنهنجو راڄ ڪُلي، شل روز ڪُلي!
تنهنجو تيڄ جهان ۾ روز ڪِلي!
شل روز پڌون اڪ تنهنجو اعلان
سرشٽيءَ ۾ جيئن سورڳ مڪان - پرم پتا...
ڏي تون اسانکي رحم جي روٽي
ڪر معاف اسانکي سڀ مت کوٽي
رحم تنهنجي ۾ شل پران رهن!
تنهنجي قدمن ۾ ويچار وهن - پرم پتا...
شل روز پڏي تنهنجي ٻاجهه جي ٻاٽي
قربانيءَ تو در تئي نوري نماٽي - پرم پتا...

(٥)

ڪين ڪٽي ڪيچ، آن ۽ آئي آهيان
ڪيئن راڻا آن ۽ توکي ريجهايان ؟

نہ موتين مالها، نا ڪوئي مُندرا
مٽيا نا ڪوئي سهڻا ڪپڙا - ڪين ڪٽي...

نہ سونهن اٿم نا اڪ ڪٽو
منهن تي ڏي اڪ اڪ مهٽو
ڪرم نہ جاڻان، ڌرم نہ جاڻان
پوءِ ڪيئن ملان مان توکي راڻا؟ ڪين ڪٽي...

روئي روئي رات گذاريان
غم ڪوند ره وينئي ڏينهڙا گهاريان
ڪين ڏکيم ڪو ڏيان جو ڏاگهو
روز منهنجو اٿيئي حال سو ساگيو- ڪين ڪٽي...

توري نماڻي قبول ڪر راڻا
ڏس هي حال منهنجا نماڻا- ڪين ڪٽي...

(٤)

ڇا ڇوان سائين سردار؟
ڏس ٻيڪل آهي هيءَ سعار
سُرتال سو آنءَ ڪيئن چاڙهيان ؟
ويٺي ٻلن تي ٻوڙها ٻاريان- ڇا ڇوان؟...
غم اٿم اءِ مٿا!
سُوَر ڏاڍا اٿم سٺا
سٺار سوڪڙي سا پيڳم
ڏاڍا ڏکرا وِهي ڏنم- ڇا ڇوان؟...
روز راتيان ويٺي روئان
داغ دل جا ڌوئي نه ڌئان
ڪئن ٻاڍيان آنءَ گنهگار؟
بخش بديون بيشمار- ڇا ڇوان؟...
نوري نماڻيءَ آهه چڪناچور
رکه نه مون کي دَرَ کان دور- ڇا ڇوان؟...

(٧)

رحم تنهنجو تو روح پسي
مهر جو ميڻهن تو روز وسي
قارن ۾ ۽ نارن ۾
ٻاجھ تنهنجي ٻڌ ڪارن ۾- برهم ڪرپا...
پاپين کي تو پاڪي پيارين
مسڪينن کي تو تخت وهارين
سنتن ۾ ۽ پيارن ۾
شهيدن ۾، ٻلهارين ۾- برهم ڪرپا...
قومن ۾ ۽ ملڪن ۾
ڪروڙن ۾ ۽ ذرن ۾
جُڳ جڳ ۾ اي جوت نواسي!
ڪرپا تنهنجي آهي تيرٿ ڪاشي- برهم ڪرپا...
نوري نماڻي تو در داسي
اَنت ڪالي ڪرپا کي پياسي- برهم ڪرپا...

(٦)

قيدي آهيان قندي آهيان
ڪڏ اچي تون راڻا راڻا !
اندر اچن تيون اُڪيرون
پيچ اچي تون هي زنجيرون -
راڻا روز تي وات نهاريان
راتيان ڏينهان ويٺي پڪاريان
نڪ رنماڻيءَ تي ڪر مهر
ڪول تون ڪن ۾ ديا جو دُرَ - پيچ اچي...
تو بن پيو سو ڪير بچائي ؟
مهر جو مڇ پيو ڪير مڇائي
نام بنا پيو ڪهڙو جنتر ؟
تنهنجي مهر بنا پيو ناهي منتر - پيچ اچي...
ويٺي ويڳاڻي توري نماڻي
مهر ڪري ڪڍ بند ياڻي - پيچ اچي...

گيتا مٽي

"گيتا مٽي" جا هن وقت ٢ ڀاڱا نڪتا آهن. "گيتا مٽي" جي ٻاڻي ١٨ سپٽپدين ۾ آهي. ڪامل مرشد جنهن مهر ۾ ڏني آهي تنهن هيءَ ٻاڻي ست سنگين اڳيان رکي وئي آهه. ڀياس اٿم ته "گيتا مٽي" جو سنديش گهڻن گهرن ۾ پهچي. "گيتا مٽي" ڇپائڻ لاءِ مون کي "سنت مالا" فنڊ ۾ ڀائرن ۽ ڀينرن وٽان سهائتا ملي آهه. منهنجي لاءِ ٻاڻي ۽ شيوا ٢ تمام سندر ڪم آهن. هن شڀ ڪم ۾ جن به منهنجي سهائتا ڪئي آهه تن سڀن جو مان شڪر گذار آهيان. شل سچي ستگرو جي آسيس مٿن ڇمڪي!

واسواڻي

گيتا مٺي

گيتا مٺي؛ ڀاڱو پهريون [سنڌي ۾]؛ ۴ آنا
گيتا مٺي؛ ڀاڱو پهريون [گرمکيءَ ۾] ۴ آنا
گيتا مٺي؛ ڀاڱو ٻيو [سنڌيءَ ۾]؛ ۴ آنا

گيتا گيان

گيتا گيان؛ پرٿم پستڪ ۳ آنا
گيتا گيان؛ ڀاڱو پهريون ۳ آنا
گيتا گيان؛ ڀاڱو ٻيو ۴ آنا
گيتا جو سار (۱) ۳ آنا
[وڌيڪ ڀاڱا پوءِ نڪرندا]

سنت مالا

Printed and Published by Teckchand Nebhraj Dewani
at the Chandan (Electric) Printing Press,
Market Road, Hyderabad Sind.